باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ

جي هڪ مشهور پمفليٽ جو ترجمو

# سنڌي ٻولي
# ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟



# Shall Sindhi Language stay in Karachi or not?

بابا ۽ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ
جي هڪ مشهور پمفليٽ جو ترجمو

# سنڌي ٻولي
# ڪراچيءَ ۾ رهندي يا نہ؟

# Shall Sindhi language stay in Karachi or not?


سنڌيڪار:
محمد ابراهيم جويو



ڇپاران:
بابا ۽ سنڌ حيدربخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد
2010

سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ

پمفليٽ : سنڌي ٻولي ڪراچي ۾ رهندي يا نه؟
انگريزي پمفليٽ: باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي
سنڌيڪار: محترم محمد ابراهيم جويو
پهريون ايڊيشن: آڪٽوبر 2010
ڇپائيندڙ: ڪامريڊ اظهر جتوئي
صدر
سنڌ هاري ڪاميٽي
ايڊريس: باباءِ سنڌ هائوس بنگلو نمبر 10 غلام شاهه ڪلهوڙا ڪالوني،
حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ: باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي اڪيڊمي

**Shall Sindhi Language Stay in Karachi or Not?**
Written by: Ba Ba-e-Sindh Hyder Bux Jatoi (1901-1970)
Translated: Muhammad Ibrahim Joyo
Edition: 1st, October, 2010
Published by: Ba Ba-e-Sindh Academy,
Ba Ba-e-Sindh House, Bunglwo No 10,
Ghulam Shah Kalhoro Colony,
Hyderabad Sindh Pakistan.
Email: JatoiAzhar@yahoo.com
Price: Rs. 100/-

ارپنا

## سنڌ جي پيڙهيل مظلوم عوام،
## ٻوڏ متاثرين
## ۽
## ان جي شهيدن
## جي نالي

مخلص
**ڪامريڊ اظهر جتوئي**
صدر
سنڌ هاري ڪاميٽي
بنگلو نمبر 10، باباءِ سنڌ هائوس،
ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد
0300-9375419
0345-3489957

# پبلشر پاران

تمام وڏي عرصي بعد باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي تحريرون خاص ڪري اڻڇپيل پمفليٽ شايع ڪري پنهنجي پڙهندڙ جي آڏو پيش ڪيان ٿو. باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي طرفان هن پمفليٽ کي شايع ڪري پنهنجي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو ويندو. اِها اسان جي وڏي بدقسمتي رهي آهي جو سنڌ جي هن انمول گوهر جي شاعري ۽ تحريرون اڄ به ناياب ٿي چڪيون آهن. اِن ڏس ۾ ڪنهن به اداري ڪا به ڪوشش ناهي ورتي. باباءِ سنڌ جون تحريرون وقت جي قيد و بند کان آزاد آهن. اِهي سنڌ لاءِ اڄ به پڻ ايتريون ضروري آهن جيتريون ان وقت هيون. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي شاعري ۽ تحريرون سنڌي ادب جو هڪ وڏو سرمايو آهي ۽ گڏوگڏ سنڌ جي مستقبل بابت رهنمائي ۽ نجات جو پيغام پڻ آهي. باباءِ سنڌ جون اهي تحريرون عمل جي ميدان مان سرجي نڪتي آهي. سنڌ جا تمام گهٽ اهڙا فرد هوندا. جن جون تحريرون يا شاعري عملي جدوجهد سان واڳيل هجي. باباءِ سنڌ جي تحريرن کي سياسي شاعري تحريرن کي ڇڏي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، ڇو ته سياست جدوجهد جو نالو آهي. اها ڪا عارضي ڪيفيت ناهي. انسان جي برابري ۽ مساوات لاءِ جدوجهد ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ هلندي اچي پئي. ان ڪري تحريڪي يا عملي شاعري افاديت اوسيتائين هوندي، جيسيتائين معاشري ۾ جبر ۽ ظلم يڪراءِ خاتمو نٿو ٿئي. آخر ۾ اسان باباءِ سنڌ کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي اميد ٿا ڪيون ته اهو پمفليٽ سنڌي ٻولي جي جديد سنڌ جي نوجوانن کي نوان دڳ ڳولهڻ ۾ رهنمائي ثابت ٿيندي.

انقلابي تمنائن سان

**ڪامريڊ اظهر جتوئي**

ڪامريڊ حيدربخش جتوئي اڪيڊمي
باباءِ سنڌ هائوس، ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد

ڪراچي هڪ معروضي حقيقت طور، جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جو (اَٽُٽ) حصو رهي آهي. 1948ع تائين ان اها سياسي، تعليمي، واپاري ۽ ثقافتي وغيره جي لحاظ کان سنڌ جو حصو وضع پئي ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جا هيڊڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هئا، جنهن ڪراچيءَ جي تعليم ادارن جو انتظام پئي هلايو.

1948ع جي "سدوريءَ" سال ۾ پاڪستان جي وفاقي حڪومت اهو فيصلو ڪيو تہ ڪراچي هاڻي کان اڳتي سنڌ جو حصو نہ رهڻ گهرجي. 1955ع جي (هڪ ٻئي) "سياڳي" سال ۾ وري ساڳين اختيارين اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌ کي هاڻي کان اڳتي سنڌ (صوبي) طور وجود نہ رکڻ گهرجي. ان (جي وجود) کي ميسارڻ لاءِ ون يونٽ مڙهيو ويو. اهو سڀ ڪجهہ سنڌ جي ڀاڳ جي ڀاڱي ۾ آيو. قديم ۽ فراخدل سنڌ کي پاڪستان جي قيام جا اهڙا ٽورا پلئہ پيا.

جڏهن پاڪستاني نقشي تان "سنڌ" جو نالو ڪٽيو وڃي ٿو تہ پوءِ، منطقي طرح سنڌي زبان کي پڻ گم ٿي وڃڻ گهرجي. پاڪستان جي اسلامي جمهوريہ کي مليل اختيارن جي اهائي سوچ ۽ خيال هوندو. سنڌ ۽ ان جي ٻولي- سنڌي ٻوليءَ جي تقدير بحران ۾ آيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي سدائينءَ لاءِ ميسارجي وڃن. اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي پاڻ خلاف شروع ٿيل جنگ جو ڏک ڀچائي، بچي بہ وڃن. ٿي سگهي ٿو تہ اهي مِٽجي ميسارجي بہ وڃن، پر امڪان آهي تہ اهي (سنڌ ۽ سنڌي ٻولي) وڏي ڏکيائيءَ سان ئي مرندا.

اسين سنڌي اهو اعتراف ڪندي محجوب آهيون تہ پنهنجي مادري ٻولي، پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ۽ پنهنجي نموني جيئڻ جي انداز جيڪو ٻاهرين کي پلي سادو ۽ نهٺو ٿي لڳندو هجي- اسان جي ڪمزوري آهي. اسين هزارن سالن کان وٺي جيئرا آهيون. سنڌين جي، پاڻ کي جيئري رکڻ ۽ بچائڻ جي اها سادي ۽ فطري جبلت، امڪاني طرح، تلخ صورتون وٺي سگهي ٿي.

اها هڪ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ هڪ مامرو جيڪو قومي ۽ عالمي معيارن جي لحاظ کان بنهہ ڇٽو ۽ نشانبر آهي، اهو هڪ تڪراري موضوع

بنجي پئويه جنهن ۾ اسين هڪ ڪيس ٺاهڻ لاءِ دليلن ڏيڻ اختيارين جي حوالن ڏيڻ لاءِ ۽ رليف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪورٽن جا در ڪڙڪائڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا هجون.

هنگري ملڪ جنهن اهڙو عالمي هنگامو پيدا ڪيو آهي، سنڌ کان آبادي ايراضي توڙي بين وسيلن ۾ گهٽ آهي. سچي جو سچو الميو هيءَ آهي ته سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف هيءَ ويڙهه ڪن ڌارين سامراجين يا هندو شائونسٽن نه پر اسان جي پنهنجن مسلمان ڀائرن شروع ڪئي آهي- ۽ ڪڏهن ته اسلام جي نالي ۾ شروع ڪئي آهي!؟ اسان جا اهي مسلمان ڀائر جيڪي اڄا ڪالهه ئي اسان جا مهمان ٿي آيا هئا. انهن اسان جي رحم ۽ باهمي همدرديءَ کي اڪسايو ۽ اسان کين اهو سڀ ڪجهه ڏنو جيڪو هڪ انسان (ٻئي کي) ڏيڻ لائق هوندو آهي. اسان جي انهن مهمانن هاڻي فاتحن وارو ڪردار اختيار ڪري ورتو آهي- ها فاتح. ڇاڪاڻ ته اسين ننڍڙا ۽ هيٺا سمجهيا ويا آهيون. هڪ ناپاڪ ويڙهه جيڪا هڪ پاءُ ٻئي پاءُ مٿان مڙهي آهي، ۾ فتح/ڪاميابي ٿي سگهي ٿو ته ساراهه جوڳي ڪارڪردگي نٿي سگهندي ٿي سگهي ٿو ته اها مهانگيءَ کان به وڌيڪ خراب ويڙهه ثابت ٿئي.

پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن کي اسان پاڪستانين لاءِ ٿي سگهي ٿو اهڙو مسڪيني خيال هجي ته پاڪستاني مهمان پنهنجي ذات ۾ پنهنجي مهمان نواز ميزبان جي گهر ۾ ٽڪڻ تائين مطمئن نٿا ٿين، سندن ناشڪريءَ کي اطمينان ان وقت تائين نٿو ملي، جيستائين اهي پنهنجن ميزبانن کي سندن ٽپڙن سميت ڪڍي ٻاهر نٿا ڪن.

ڪراچي يونيورسٽيءَ هاڻي فيصلو ڪيو آهي- اها يونيورسٽي جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڄائي آهي، ته هاڻي کان اڳتي يونيورسٽيءَ جي امتحاني پيپرن ۾ سنڌي ٻولي جواب ڏيڻ وارو ذريعو (Medium) ٿي استعمال ۾ نه ايندي اهڙو اعزاز رڳو انگريزي، اردو ۽ بنگالي ٻولين کي حاصل هوندو. سنڌي ٻولي، جنهن کي هيل تائين اهڙو درجو مليل هو اهو ختم ڪيو پيو وڃي.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اهڙي فيصلي ڪراچي ۽ ڪراچيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌي عوام ۾ هڪ سگهاري مخالفت (۽ احتجاج) کي اُڀاريو/ڀڙڪايو آهي. هيءَ کليو کلايو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف دشمناڻو عمل آهي ۽ انهيءَ ڄڻ سيني ملڪ- دوستن کي (گڏيل نمونې) مخالفت (پڻ) ڪرڻ گهرجي.

آئيني طرح، جڏهن ڪراچي سنڌ کان الڳ ڪئي ويئي ته پاڪستان جي گهرو وزير خواجا شهاب الدين، جنهن مٿئين مقصد لاءِ بل پيش ڪيو هو ان، لياقت علي خان ۽ ٻين اڳواڻن ڪي مخصوص واعدا ڪيا هئا ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام کي پڪتيون خاطريون ڏنيون هيون.

آئون هتي 22 مئي 1948ع تي قانونساز اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقريرن جا ڪي اقتباس پيش ٿو ڪريان. (حوالو: تقريرون، سرڪاري رپورٽون، جلد 3، صفحا هيٺ ڄاڻايل آهن).

**جناب خواجا شهاب الدين** (اوڀر پاڪستان- مسلمان)

"سائين آئون نٿو ڄاڻان ته ڪو پرڏيهه ۾ اهڙو تاثر پيدا ٿيو آهي ته جيڪڏهن ڪراچيءَ جو ڪنٽرول، وفاقي حڪومت پنهنجي وس ڪري وٺي ٿي ته هيءُ شهر سنڌين کان ڦُرجي ويندو. آئون اهڙي خيال رکڻ جويان ڪو به (جوڳو) سبب نٿو ڏسان، ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ اهو سچ آهي ته ان جو انتظام پاڪستان جي مفاد ۾ هلايو ويندو پر اها به هڪ حقيقت آهي، جنهن مان پاڻ آجو نٿو ڪري سگهجي ته اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جا ماڻهو، ڪراچيءَ جي ترقيءَ مان ٻين صوبن جي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ فائدو ماڻيندا..." (صفحو: 73)

"جناب اعلي! ان خيال رکڻ لاءِ سڀ سبب موجود آهن ته جيڪڏهن ڪراچيءَ کي ملڪ جي راڄڌاني بڻايو وڃي ٿو ته سنڌي عوام کي وڏي پئماني تي فائدو پهچندو..."

"جناب اعلي! جيستائين منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي ته ڪي دوست ڪلڪتي جو مثال قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. جڏهن مرڪز ٽوٽي صوبائي حڪومتن جي گاديءَ جو هنڌ ڪلڪتو هو ۽ ڪلڪتي جي انتظاميا بنگال سرڪار جي هٿن ۾ هئي. پر آئون اميد ٿو ڪريان ته ڪو به سنجيدگيءَ سان انهيءَ دليل کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو. ڇاڪاڻ ته تن ڏينهن ۾ صوبائي حڪومت کي، خودمختياريءَ جو اختيار حاصل نه هو. اها حڪومت مرڪزي حڪومت ماتحت هئي، جنهن جو انتظام ليفٽيننٽ گورنر هلائيندو هو. ان ڪري، جيستائين ڪلڪتي جو تعلق آهي ته آئون نٿو سمجهان ته ان جو مثال، انهن دليلن جي مخالفت ۾

پيش ڪيو ويندو جيڪي مون مرڪز جي هٿن ۾ ڪنٽرول جي فائدي ۾ پيش ڪيا آهن.

"سائين! هاڻي جيستائين راڄڌانيءَ جي ترقيءَ جو تعلق آهي ته هيءُ سڄو مسئلو اهڙي اهميت رکي ٿو جو هرڪو ماڻهو جيڪو بصيرتن پريو آهي ۽ جيڪو اهو تخيل ڪري سگهي ٿو ته ويجهي مستقبل ۾ ڪراچيءَ جي حيثيت ڇا هوندي، اهو آسانيءَ سان هن نتيجي تي پهچي سگهي ٿو ته اهڙو مسئلو صوبائي حڪومت جي منهن ڏيڻ کان ٻاهر وڏو هوندو."

"سائين! هاڻي آئون هائوس جي ميمبرن کي خاطريءَ ڏيڻ جو موقعو حاصل ڪندس، (صفحو: 74) ۽ پڻ انهن ميمبرن کي جن جو تعلق سنڌ حڪومت سان آهي ته اسان جو اهو ارادو قطعي ناهي ته سنڌ حڪومت کي اهو چئون ته اها ڪراچيءَ مان پنهنجا ٽپڙ ويڙهي وڃي. ٻئي پاسي اسين واقعي اهو چاهيون ٿا ته اهي ڪراچيءَ ۾ رهن. ٻي هر ڪنهن شيءِ کي ڇڏي، رڳو مالياتي نقطي نظر کان ئي ڏسجي ته مرڪز توڙي صوبائي حڪومت، ٻنهي لاءِ نئين راڄڌانيءَ جي وڏي ۽ پختي رٿا شروع ڪرڻ غيرمعقول عمل هوندو. ۽ منهنجا سائين! تنهنڪري اها ڳالهه پڻ مناسب هوندي ته مرڪز ۽ صوبو ڪراچيءَ ۾ رهندي پنهنجو ڪاروهنوار هلائين. اسين رڳو اها ڳالهه چئي رهيا آهيون ته پوين اٺن يا نون مهينن کان وٺي مرڪز صوبائي حڪومت جو مهمان ٿي رهيو آهي. اها حالت هاڻي ختم ڪئي وڃي ۽ اسان کي هاڻي ميزبان هئڻ جو شرف بخشيو وڃي ۽ صوبائي حڪومت پلي اسان جي هتي مهمان ٿي رهي، ۽ سائين واعدو ٿا ڪريون ته جيترو به ممڪن ٿي سگهيو اسين سندس سارسنڀال لهنداسين. اهو ئي موقف آهي جنهن جي اسين وڪالت ڪري رهيا آهيون."

"سائين! هاڻي جيڪڏهن اوهين اهو فيصلو ٿا ڪريو ته ٻئي حڪومتون ڪراچيءَ ۾ ئي رهن ته پڪ سان، ڪوبه ماڻهو انهيءَ سان اختلاف نه رکندو ته ڪنٽرول ۽ انتظام سينيئر حڪومت جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي. منهنجا سائين! اهڙي فيصلي ڪرڻ/ٿيڻ تي متان ڪو اهڙو نقطو اٿاري ته انهن مختلف ادارن جو ڇا ٿيندو جن جي مالڪي ۽ انتظام سنڌ حڪومت جي هٿن ۾ آهي. مثال طور، يونيورسٽي، اسپتال، ميڊيڪل ڪاليج ۽ ٻيا اهڙا ادارا. جيستائين انهن ادارن جو تعلق آهي ته اسين سنڌ حڪومت جو آدريءَ ڪنداسين ته اها اهڙن ادارن جو انتظام جاري رکي ۽

انهن کي ترقي وڌائي، اسين ڪابہ مداخلت نہ ڪنداسين. ۽ هيءُ ٻيو نقطو بہ متان اُٿاريو وڃي ۽ اهو آهي مالياتي پهلو. جيستائين انهيءُ جو تعلق آهي تہ هن مرحلي تي رڳو اهو چئي سگهان ٿو تہ مرڪزي حڪومت سنڌ حڪومت کي معاشي نقصان پهچائڻ جو ڪوبہ ارادو نٿي رکي، ۽ جڏهن وقت ايندو تہ ان مسئلي جو وڏي همدردانہ انداز سان خيال رکيو ويندو ۽ اسين اُميد ٿا ڪريون تہ اسين ان سوال تي ڪنهن معاهدي ڪرڻ جوڳا هونداسين. (صفحو 75)

## پروفيسر راج ڪمار چڪرورتي (اوڀر بينگال: جنرل)

"سائين آئون هيٺين ترميم پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو. تہ تجويز جي (ب) ۽ (ت) نقطن تي غور ويچار منسوخ ڪيو ويندو ۽ ساڳئي وقت سنڌ حڪومت کان رايا معلوم ڪيا ويندا." "سائين! اوهين منهنجي ترميم مان ڄاڻندا تہ آئون ڪراچيءَ ۾ پاڪستاني راڄڌانيءَ جي جاءِ هئڻ/رکڻ تہ ڪوبہ اعتراض نٿو ڪريان."

اهو سڀ جنهن جي مون گذارش ڪئي، هيءُ آهي تہ سنڌ کان ڪراچيءَ جي انتظام کسڻ واري سوال تي غور ويچار ايندڙ وقت تائين التوا ۾ رکيو وڃي. سائين! مون هيءُ ترميم مخالفت جي جذبي نہ پر ڪن نقطن جي وضاحت جي خيال کان پيش ڪئي آهي، جن تي اسين روشني وجهڻ گهرون ٿا ۽ ايئن ڪرڻ ضروري بہ آهي. اسان کي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي تہ مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ ڪراچيءَ جي انتظام سنڀالڻ واري راءِ تي سخت اختلاف موجود رهيو آهي. اسين اهو پڻ ڄاڻون ٿا تہ انهيءَ سوال تي، سنڌ جي ماڻهن جا احساس وڏيءَ حد تائين اپارَ (۽ تاءَ) ۾ آيل آهن. آئون اعتراف ٿو ڪريان تہ سيني انگن اکرن جي اسان کي ڄاڻ نہ آهي يا اهي پوريءَ طرح کولي نہ رکيا ويا آهن. سنڌ، ضروري طرح، هن مسئلي ۾ دلچسپي رکي ٿي، ۽ آئون محسوس ڪريان ٿو تہ اسان کي سنڌ حڪومت کي پنهنجي موقف پيش ڪرڻ جي موقعي ڏيڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ کپي. منهنجو مطلب آهي تہ (انهيءَ معاملي تي) سنڌ حڪومت کي پنهنجي ڳالهہ رکڻ جو موقعو ڏيڻ کپي. سنڌ جي قانونساز اداري سان سندن راءِ جي سلسلي ۾ رجوع ڪرڻ کپي، تہ جيئن اسين هر مسئلي تي اڻ ڏرئي نموني فيصلي ڏيڻ جي حالت ۾ اچي سگهون."

"جا ڳالهہ آئون چاهيان ٿو اها هيءَ آهي تہ سنڌ جي قانونساز اداري جو موقف، پوري طرح سنڌي عوام جي نمائندن جو ئي موقف آهي. سائين! آئون ٺهراءَ پيش ڪندڙ مانواري صاحب کان اهڙا سبب ڄاڻڻ گهران ٿو جيڪي هن تجويز جي فائدي ۾ اسان پاران فيصلي لاءِ اسان کي ضرور قائل ڪرڻ جهڙا هجن. اسين اڃا تائين اهڙن سببن، ڄاڻڻ لائق نہ ٿيا آهيون، ايئن تہ: نيٺ ڪهڙيءَ ريت ڪراچي، سنڌ صوبي جو حصو هوندي، هيل تائين پاڪستان جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بنجي رهي آهي."

مون ڪل گذارش رڳو ايتري ڪئي آهي تہ ايوان اڳيان اڃا وڌيڪ تفصيل پيش ٿيڻ کپن، ۽ اسان کي صورتحال تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي گهرج آهي. سائين! ڪراچي سنڌ صوبي جي روح آهي، رڳو ايترو ئي نہ اها سنڌ صوبي جي شهہ رڳ آهي، ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ صحرا آهي- ٻيو ڪجهہ بہ نہ بس رڳو صحرا...! اها هڪ حقيقت آهي ۽ آئون چئلنج ڪريان ٿو ٻيو ڪو ماڻهو انهيءَ جي رد ۾ ڪا وزن دار ڳالهہ ڪري! جنگ کان اڳ سنڌ هڪ خساري وارو صوبو هئي، ۽ مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ جي ڇاتيءَ کان ڇنو ويو تہ اها ٻي يارو مددگار خساري وارو صوبو بڻيل ئي رهندي،

"تنهنڪري، اهو ضرور بيان ڪرڻ کپي تہ سنڌ کي مرڪز مان مالي مدد يقيني بڻائي وڃي. اسان کي ان بابت ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو ويو آهي تہ هن ڏتڙيل صوبي کي مرڪز وٽان ڪهڙي مالي مدد ملندي ان (پاسي) تي ڪابہ روشني نہ وڌي ويئي آهي. ڪيترو مالي خرچ آهي، جيڪو سنڌ کي راڄڌاني يا نئين شهر جي اڏاوت جي مد ۾ ڏنو ويندو؟ انهيءَ پاسي پڻ ڪابہ روشني نہ وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن ڪابہ مالي مدد نہ ڏني ويئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪراچي سنڌ کان کسي ويئي آهي، تہ پوءِ مون کي ڊپ آهي. اهڙي ڊپ جو جوڳو سبب بہ آهي تہ سنڌ، ڪراچيءَ کان سواءِ اولهہ پاڪستان جي والار هيٺ اچي ويندي، (تہ جنهن (ڊپ) ڏانهن انهيءَ تيز مشاهدي رکندڙ 1948ع ۾ اشارو ڪيو هو اهو حقيقي طور 1955ع ۾ ون يونٽ جي روپ ۾ واقع ٿيو جيڪو ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ۽ دوکي وسيلي سنڌي عوام مٿان مڙهيو ويو- حيدربخش) هيءَ اهڙي صورتحال آهي، جيڪا نہ تہ سنڌ جي مفادن ۾ آهي، ۽ نہ ئي سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي مفاد ۾ يا سنڌ جي سالميت يا ٻئي ڪنهن بہ نقطي کان سنڌ جي خواهشن پٺاندر آهي.

سائين! جڏهن پاڪستان نهيو تہ سندس راڄ ڌاني لاءِ ڳولا ڪئي پئي ويئي. پاڪستان جي راڄ ڌاني وارو سوال هوا ۾ لڙڪيل هو. اها سنڌ حڪومت جي سخاوت ۽ چڱائي هئي، جنهن پاڪستان سرڪار کي پنهنجن هيڊڪوارٽرن کي جائتي ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي."

اڃو تہ ٿورن سان سنڌ جي اهڙي سخاوتي عمل کي تسليم ڪريون تہ سنڌ انهيءَ ڏس ۾ ميزبان وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو انهن سببن مان هڪ هو جيڪي جناب خواجا شهاب الدين پيش ڪيا هئا. هيءَ چوي ٿو: اڃو تہ "اهڙو رويو رکون، جو ميزبان کي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ نہ رهي." رڳو مهمان، ميزبان کي تڙي رهيو آهي، ڳالهہ انهيءَ ڪان نہ گهٽ آهي نہ وڌ. جيڪڏهن اهو سئو منطق ۽ سبب آهي، تہ پوءِ (اڃو تہ) دنيا جي سيني ميزبانن کي انهيءَ ڪان آگاهہ ڪريون، انهيءَ ڪان اڳي جو اهي مهمان جي ڪا خاطر تواضح ڪن. هيءَ دُنيا جي سيني ميزبانن لاءِ تمام سئو مثال آهي. آئون اهڙي ڳالهہ شيڪسپيئر جي لفظن ۾ چوندس: "هيءَ سيني ڪان وڌيڪ بي رحماڻو گهاءُ آهي." ڪنهن کي بہ اها اميد نہ هئي تہ ميزبان، مهمان کان پنهنجي گهران تڙيو ويندو.

"بهرحال، جيڪڏهن اوهان کي سنڌ جي ڇاتيءَ ڪان ڪراچيءَ کي چنبڙ ٿي آهي، تہ آئون عاجزيءَ سان اهو عرض ٿو ڪرڻ گهران، تہ اهڙو ڪم ڪنهن چڱي مراعت سان ڪريو ۽ اهڙو ڪم بخالت واري انداز سان نہ ڪريو! پيڙهين کان وٺي، سنڌ ماڻهن جا امنگ ڪراچيءَ سان گهري نموني جڙيا ئي رهيا آهن. ۽ اسان کي انهيءَ مسئلي تي ڪنهن بہ ڪارروائي ڪرڻ کان اڳ محتاط رهڻ گهرجي. اسان کي سنڌي قوم جي همدردي ۽ سهڪار وڃائڻ جهڙو ڪوبہ عمل نہ ڪرڻ کپي، جن جي ڌرتيءَ تي پاڪستان جي راڄڌاني قائم ڪرڻ پيا وڃون. تنهنڪري، منهنجو چوڻ هيءَ آهي تہ: مهرباني ڪري سنڌ سرڪار سان مشورو ڪريو! ۽ هن مسئلي تي محتاط نموني اڳيرائي ڪريو! سائين! منهنجو پاڪستاني سرڪار بابت خيال هيءَ آهي تہ اها طئہ ٿيل خودمختيار صوبن ۽ رياستن جو وفاق هجي. هڪ حقيقي مسئلي طور، مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ اهو ئي مشهور لاهور/پاڪستان ٺهراءَ جو بنياد هو تہ صوبا خودمختيار هوندا. جيڪڏهن ان نموني ڪراچي (سنڌ کان) ڇني وڃي ٿي، تہ پوءِ اهڙو عمل سنڌ صوبي جي خودمختياريءَ سان هٿ چراند سمجهيو ويندو ۽ ايئن واجبي طرح سمجهيو ويندو. سنڌي

عوام اهڙي عمل تي ڪاوڙبو. سائين! اچو ته ڳالهين وسيلي، سوچ ويچار وسيلي، سنڌي قوم سان هن صورتحال، جيڪا اڻٽر ٿيندي پئي وڃي، تي ڀيهر محالصت ڪريون!

ان ۾ ڪوبه نقصان ناهي، جيڪڏهن هن مسئلي تي غور ويچار ڪجهه ڏينهن تائين، يعني اڳئين اجلاس تائين ملتوي ڪيو وڃي ٿو. اچو ته ڪنهن به اڻوڻت لاءِ ڪابه جاءِ نه ڇڏيون. اچو ته صوبي ۽ پاڪستان جي ڀلائيءَ لاءِ موافقت ۽ دوستاڻي ماحول کي برقرار رکون، جن سان لاڳاپي تي اسان کي فخر آهي.

**الحاج محمد هاشم گزدر** (سنڌ، مسلمان)

"سائين! عزتِ لائق مخالف ڌر جي ميمبر اهو سوال اُٿاريو ته جيئن اقتدار اعليٰ رڳو ماڻهن/قوم سان لاڳاپيل آهي، پر ڪنهن کي به اهو حق حاصل نه هئڻ کپي ته سندن ملڪيت، سندن منشا کان سواءِ ڦبائي وٺي. ڪراچي سنڌ سان تعلق رکي ٿي، ۽ اها صدين کان وٺي سنڌ جي ئي رهي آهي. سنڌ کي ڪراچيءَ کان محروم ڪرڻ جو حق ڪنهن به ماڻهوءَ کي حاصل ناهي. سائين، هاڻي، جڏهن منهنجي مانواري دوست وٽ سوال موجود آهي، انهيءَ ڪري آئون سنڌ اسيمبليءَ جو ٺهراءَ پڙهڻ وڃي رهيو آهيان. سائين! هيءُ ٺهراءُ آهي، جيڪو سنڌ اسيمبليءَ ٻي فيبروري 1948ع تي پاس ڪيو هو:

"هيءُ اسيمبلي، پاڪستاني حڪومت جي، سنڌ انتظاميا جي ڪنٽرول مان ڪراچيءَ جي شهر کي ختم ڪرڻ ۽ اُن کي مرڪز جي انتظام ۾ آڻيل علائقي طور، پنهنجي ترت دائره اختيار ۾ آڻڻ واري ارادي ڪيل ڪوشش تي پنهنجي ڳڻتي ۽ خطري کي رڪارڊ ڪرائي ٿي. هيءُ ايوان انهيءَ ڪري گهر ڪري ٿو ته ڪنهن به قيمت تي ڪراچي، مرڪزي انتظاميا جي حوالي نه ڪئي وڃي ۽ اضافي طرح، ايوان جي سرواڻي ڪندڙ ۽ ڪابينا جي ساٿين کان پڻ مطالبو ٿي ڪري ته اهي پاڪستاني حڪومت کي اها ڳالهه سمجهائين ته اهڙو قدم سنڌ کي اقتصادي ۽ سياسي طرح، نه رڳو ڪمزور ڪندو، پر 1940ع ۾ لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي پاس ڪيل پاڪستان ٺهراءَ جي شرمناڪ خلاف ورزي ثابت ٿيندو جيڪو پاڪستان جوڙيندڙ خودمختيار اڪاين جي اقتدار اعليٰ ۽ علائقائي

سالميت تي زور ڏئي ٿو (۽ اُهو) صوبي جي ماڻهن جي، پنهنجي آزاد پاڪستاني رياست لاءِ وفادار ۽ محبِ وطن جذبن مٿان ڪو ظلم مڙهڻ بابت ڪجهه به نٿو چوي."

"سائين! اها ڳالهه آهي، جيڪا سنڌي عوام چئي هئي. هيءَ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪراءِ منظور ٿيل ٺهراءَ آهي. آئون ڄاڻڻ گهران ٿو ته مانواري خواجا شهاب الدين جي هِن تحريڪ/رٿ پويان ڪو اخلاقي جواز ڪٿي آهي ته سنڌ کي ڪراچيءَ کان محروم ڪرڻ گهرجي. سائين! اوهان جي اجازت سان، آئون سنڌ صوبائي مسلم ليگ پاران پاس ڪيل هڪ ٺهراءُ پڙهڻ گهران ٿو ۽ آئون حڪومتي بئنچن تي ويٺل مانوارن ميمبرن کي پڻ هن ٺهراءَ هضم ڪرڻ جي گذارش ڪندس. ٺهراءُ چوي ٿو:

"سنڌ صوبائي مسلم ليگ جي هيءَ ڪائونسل، انهن لڳاتار اينڊڙ رپورٽن ته: پاڪستاني حڪومت ڪراچي شهر ۽ ان جي اوسي پاسي وارو علائقو سنڌ صوبي کان کسي رهي آهي ته جيئن اُتي مرڪز جي انتظام هيٺ هڪ الڳ علائقو جوڙيو وڃي، تي پنهنجي اچرج ۽ ڳڻتيءَ کي رڪارڊ تي آڻيندي، سنڌي مسلمانن جي وڪيل جي حيثيت ۾ ۽ پڻ پاڪستان جي خيرخواهه جي حيثيت ۾، اهڙيءَ تحريڪ خلاف پنهنجو زورائتو احتجاج رڪارڊ تي آڻڻ پنهنجو مقدس فرض سمجهي ٿي، ۽ هيٺين سببن ۽ حقيقتن کي خيال ۾ رکندي، پُرجوش انداز ۾ قائداعظم محمد علي جناح کان، رياست جي آئيني اڳواڻ جي توڙي مسلم ليگ تنظيم جي چونڊيل سربراهه جي حيثيت ۾ اها خواهش ڪري ٿي ته سيني لاڳاپيل ڌرين جي بهترين مفاد کي پر ڪيندي، پاڻ انهيءَ تحريڪ کي هيٺين سببن جي ڪري رد ڪري:

"پهرين ڳالهه ته ڪراچي، صدين کان وٺي سنڌ جو قدرتي ۽ هڪ اٽوٽ حصو رهي آهي. ۽ هاڻي اها اقتصادي، تجارتي، صنعتي، تعليمي ۽ ثقافتي لحاظ کان صوبي جي شهه رڳ جي حيثيت رکي ٿي ۽ صوبي کي اُن جي شهه رڳ کان محروم ڪرڻ صوبي جي زندگيءَ ۽ ان جي ترقيءَ جو ساهه گهُٽڻ هوندو.

بي ڳالهه ته اهڙي تحريڪ نه رڳو آل انڊيا مسلم ليگ پاران، 1940ع ۾ پنهنجي اجلاس ۾ منظور ڪيل پاڪستان ٺهراءَ جي بندوبست جي ڪلي پيچڪڙي آهي، جنهن پٽاندر پاڪستان ۾ وفاق ٺاهيندڙ هر ڪنهن اڪائيءَ جي علائقائي سالميت جي ضمانت ڏنل آهي، پر هيءَ مامرو ته صوبي جي

ماڻهن جي پروسي ۾ هڪ ڳنڀير وِٿي پيدا ڪندو جن جي چٽي ۽ اُجري رهنمائيءَ کانسواءِ پاڪستان جو تصور هڪ خواب ئي رهجي وڃي ها.

ٽين ڳالهه هيءَ ته اهڙي ڪوشش جا تمام اُگرا نتيجا نڪرندا. ۽ اها سنڌي ماڻهن جي، پاڪستان جي آجيان سلسلي ۾ ظاهر ڪيل اسلامي ڀائپي ۽ سخاوت ڀري ميزبانيءَ جي جذبي جي هڪ خراب موٽ هوندي. هي ماڻهو سنڌ ۾ لڏي آيل لکين مسلمان ڀائرن، جيڪي ڀارت جي مختلف رياستن مان لڏي آيا آهن ۽ پاڻ ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي علائقن مان لڏي آيا آهن، لاءِ ڪانئن جيڪو به ٿي سگهي ٿو اها پيا ڪن.

چوٿين ڳالهه هيءَ ته، اهڙي ڪوشش پاڪستاني مسلمانن ۾ اتحاد جي وڌندڙ جذبي لاءِ هڪ ڳنڀير خطرو ثابت ٿيندي، ڇاڪاڻ ته ان طرح صوبي جي ماڻهن ۾ پنهنجن انهن مفادن بچائڻ جي فطري ۽ جائز خواهش اُڀرندي، جيڪي اهڙين پاڪستان مخالف قوتن ڀاران ڦٻايا ويندا. جن سنڌ جي مسلمانن جي انهيءَ سچي ۽ سگهاري حمايت کي گهٽ اهميت ڀئي ڏني آهي، جيڪا انهن مسلم اتحاد جي مقصد لاءِ هر شيءِ کان بالاتر ٿي، اڻموٽ نموني، هيل تائين ڏني آهي.

هيءَ ڪائونسل وڏيڪ سيني مجيل نمائندن ۽ قانونساز ادارن سان تعلق رکندڙن، خاص طرح، سنڌ قانونساز اسيمبليءَ جي ميمبرن، ضلعي ۽ تعلقي جي مسلم ليگي شاخن ۽ بلاشڪ، سنڌ ۽ پاڪستان جي هر خيرخواهه کان اها گهر ٿي ڪري ته اهي پنهنجي اختيار جو سمورو وس ۽ ستَ هن ناانصافيءَ تي ٻڌل، قمطي ۽ غيردانشمنداڻي ڪوشش سان مهاڏو اٽڪائين.

"هاڻي اِهو هو پاڪستان جو تصور. اسان پاڪستان انهيءَ ضمانت تي حاصل ڪيو هو ته صوبا خودمختيار هوندا. ۽ اڄ، سائين! سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ سان رجوع ڪرڻ کان سواءِ، سنڌي عوام کان پڇڻ کان سواءِ، سنڌ کي اڏيءَ تي آندو پيو وڃي. سنڌ جو حقيقي روح ڪُٺو پيو وڃي."

سائين! تنهن ڪري آئون ايوان جي معتبر ميمبرن کي گذارش ڪندس ته جيڪڏهن اهي جمهوريت کي هڪ مذاق بنائڻ نٿا گهرن، جيڪڏهن اهي هڪ قطعي آمريت ڏانهن وڌڻ نٿا گهرن، ته پوءِ ڪين سنڌي ماڻهن جي احساسن لاءِ احترام هئڻ گهرجي. سائين! جيڪڏهن اوهين مطلق العنان حڪمران ٿيڻ نٿا گهرو ۽ عوام جي خواهشن ڄاڻڻ کانسواءِ

قائل ڪريو تہ اها شيءِ سندن فائدي ۾ آهي، اها شيءِ پاڪستان جي مفادن وٽان آهي تہ پاڪستان جي راڄڌاني هتي هجي ۽ ڪين ڪراچي شهر جي دائره اختيار ۽ ڪنٽرول ڏيڻ جي صلاح ڏيو پر هيٺري سخت مخالفت هوندي، هيءُ ٺهراءُ ڇو منظور ڪرائجي؟ اوهان وٽ ڪل اختيار آهن. اوهين ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري سگهو ٿا، اوهين ڪراچيءَ کي پنجاب ۾ شامل ڪري سگهو ٿا يا اوهين اها هر مذمت جوڳي شيءِ بہ ڪري سگهو ٿا، جيڪا اوهين چاهيو پر هيءُ سڀ ڪجهہ اسان کي هن ناپاڪ عمل ۾ ڌر بنائڻ کان سواءِ ڪريو!"

"سائين! آئون رڳو ايترو يادگيرو ڏيارڻ گهران ٿو تہ سنڌ ڪڏهن بہ پاڪستان خلاف نہ ڏٺي ويئي آهي، پر اها پاڪستان جو عظيم ترين ٿنڀ ٿي رهي آهي. اها سنڌ اسيمبلي ئي هُئي، جنهن 1944ع ۾ پاڪستان ٺهراءُ پاس ڪندي، برطانوي حڪومت کان پاڪستان جي گهُر ڪئي هئي، ۽ آئون چئلنج ٿو ڪريان راجا صاحب ۽ ٻي ڪنهن بہ شخص کي تہ اهي اهڙو ٺهراءُ پيش ڪن- بينگال اسيمبليءَ ۾ يا پنجاب اسيمبليءَ ۾ يا سرحد اسيمبليءَ ۾، جيڪڏهن اوهان پنهنجي راڄڌاني هتان کان ڍاڪا يا ٻئي ڪنهن هنڌ کڻي وڃي سگهو ٿا تہ اسين اهڙي منتقليءَ لاءِ گهربل رقم اوهان کي پري ڏينداسين. اسين سارو خرچ برداشت ڪنداسين، جيڪڏهن ڍاڪا ڏانهن پنهنجي راڄڌاني منتقل ڪريو ٿا. اوهان کي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ اسين چاهيون تہ هيءَ (راڄڌاني) هتي هجي؟" (صفحو: 82)

"تہ پوءِ سائين پاڪستاني حڪومت هتي اچيو ٿي وڃي ۽ وڏيءَ سولائيءَ سان پنجاهہ ڪروڙ رپين جي ماليت جي عمارتن تي قبضو ڪريو ٿي وڃي. اسان کي لفظ بہ نٿو چيو وڃي تہ ڇا هي اسان جي حڪومت کي رهڻ جي اجازت ڏيندا. اهي پنجاهہ ڪروڙ رپيا خرچ ڪندا ۽ سنڌ حڪومت لاءِ عمارتون اڏيندا يا ڇا اهي اسان کي اها رقم ڏيندا تہ جيئن اسين سنڌت ڪم شروع ڪري سگهون، جيڪڏهن اسين رهڻ پسند ڪريون ٿا. اهي هيءُ نٿا ٻڌائين تہ اهي اسان کي، اسان کان ڪنيل هر شيءِ جي ازالي ۾ ڪجهہ ڏيندا. سائين آئون اجا پوريءَ طرح اهي مامري تي قائل ٿيڻو آهيان، تہ ڇا پاڪستان جي مالياتي حالت آهي، اهڙي جو هيءَ (رقم وارو) بار کڻي سگهي يا اهو اسين پاڻ تي کڻون يا ڇا ٻئي ڪنهن صوبي کي سندس رقم مان

حصي پتي ڪٽڻ جي پاڪستاني حڪومت کي درخواست ڪرڻ گهرجي." (صفحو: 83)

**ملڪ محمد فيروز خان نون** (پنجاب، مسلمان)

هيءَ اسيمبلي هڪ خوداختيار اسيمبلي آهي ۽ اها جا شيءِ پسند ڪري ٿي، ان جي منظوري ڏيئي سگهي ٿي. جا شيءِ هيءَ اسيمبلي منظور ڪري ٿي، اها ملڪ جو قانون بڻجي پوندي ۽ جنهن به شيءِ جي منظوري ڏني وڃي ٿي، ان جي حيثيت سياسي گڏجاڻين ۾ منظور ڪيل ٺهرائن جي طريقيڪار جهڙي نه هوندي. جيڪي اسين منعقد ڪريون يا ماضيءَ ۾ جيئن اسين گهڻين ۽ مختلف حالتن ۾ گڏجاڻيون منعقد ڪيون هجن. جيتوڻيڪ اسان اُنهن ڏهاڙن ۾ اهڙو ٺهراءُ منظور ڪيو هو ته ڇا هاڻي به اسان اُن جا پابند آهيون؟ نه. هرهڪ جانشين سياسي ادارو (Body) نوان ٺهراءَ، انهن کان مختلف جيڪي ڪي ورهيه اڳ منظور ڪيا ويا هئا، ترتيب ڏيڻ/ٺاهڻ ۾ آزاد آهي. مون کي اجازت ڏيو ته آئون حاجي صاحب کي سياسي ماهرن بابت هڪ حڪمت پري چوڻي ياد ڏياريان: سياست ۾ ثابت قدمي هر انهيءَ جانور جي عادت آهي، جنهن جا ڪن وڏا هوندا آهن، ۽ آئون چوان ٿو ته شايد اسين وڏي ڏچي ۽ ڏکيائيءَ ۾ وڃي پونداسين، جيڪڏهن پنج ورهيه اڳي منظور ڪيل ڪنهن ڳالهه وسيلي اسان جي رهنمائي ڪئي پئي وڃي. تنهنڪري اسان کي شين جو مال ان ڏينهن مان ئي ڪٽڻ کپي، جنهن ۾ پاڻ بيٺا آهيون. اوهان جي پاڪستان قانونساز اسيمبلي هڪ آزاد ادارو آهي. پاڪستان هڪ آزاد ملڪ آهي. ۽ اسان جي ملڪ جي پاڱيپائيوار حصن جن کي پاڻ صوبا چئون ٿا، ڪنهن سان به اها آزادي شيئر نٿي ڪري سگهجي.

(ملڪ فيروزخان نون جون ڳالهيون سياسي ادب جي اصطلاح "ميڪاوليت" جي ياد ڏيارين ٿيون - حيدربخش جتوئي)

**محترم محمد ايوب کهڙو** (سنڌ، مسلمان)

"ڪن مانوارن ميمبرن چيو آهي ته سنڌ جي راڄڌاني لاهور يا پنڊيءَ ۾ هئڻ کپي، مون کي ڪانئن اهو پڇڻ جي اجازت هجي ته ڇا اُنهيءَ وقت پنجاب يا بينگال کي ورهائڻ وارو سوال غور ويچار هيٺ هو؟ (ان وقت) اها

صوبا توسان ريس ڪندا. پنجاب توسان ريس ڪندو، سرحد صوبو توسان ريس ڪندو." (صفحو: 99)

### جناب لياقت علي خان (اوڀر بينگال، مسلمان)

"پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام سنڌ جا ۽ سنڌ سرڪار جا ٿورائتا آهن، سندن وقتائتي سهڪار لاءِ ٿورائتا آهن. مون کي پنهنجي ذهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ سنڌي عوام قانونساز اسيمبليءَ جو ٿورائتو ٿيندو، جو ان ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي مستقل راڄڌانيءَ جو فيصلو ڪيو آهي. آئون پاڪستاني حڪومت جو موقف واضح ڪرڻ گهران ٿو. پاڪستاني حڪومت جي اها خواهش ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، نہ آهي ۽ آئون اميد ٿو ڪريان تہ ڪڏهن بہ نہ هوندي تہ ڪو سنڌي عوام کي نقصان يا ڪين ڪو گهاءُ رسائجي. اسين اهو خيال رکنداسين تہ سندن مفاد تي ڪوبہ تعصب رکيو نہ ويو آهي."

"سرڪاري عمارتن جيٰ سلسلي ۾ مون کان پڇيو ويو آهي تہ انهيءَ مامري تي پاڪستاني حڪومت جو موقف ڪهڙو آهي؟ منهنجي مانواري دوست محترم گذدر چيو آهي تہ اسين سنڌ سرڪار کي ڦري رهيا آهيون. آئون ڪيس پڪ ڏياريان تہ اسان جا اخلاقي معيار سندس اخلاقي معيارن کان وڌيڪ بلند/اوچا آهن. پاڪستاني حڪومت، ڪنهن بہ صوبي کي اک ۾ رکڻ جي خطاڪار ڪڏهن بہ نہ ٿيندي ۽ ڪنهن بہ صوبي سان غيراخلاقي نموني معاملا طئہ نہ ڪندي. چاڪاڻ تہ مون پڪ آهي تہ پاڪستان جي طاقت، صوبن جي طاقت تي دارومدار رکي ٿي." (صفحو: 105)

"سنڌ سرڪار ۽ اسين هن معاملي تي ڪنهن بہ معاهدي تائين رسڻ ۾ سوڀارا نہ ٿيا آهيون ۽ اهو ان ڪري آهي جو اسين ٻئي ڌريون انهيءَ تان راضي نہ ٿي سگهيوسين تہ انهيءَ معاملي کي نبيري لاءِ اسان هن معتبر ايوان۔ آزاد اداري ۾ اچڻو آهي." (صفحو: 107)

"هر اهو ماڻهو جنهن جي بصيرت ۾ وسعت آهي، مڃيندو تہ حتمي طرح اهو سنڌي عوام ئي هوندو جيڪو ڪراچيءَ جي پاڪستاني راڄڌاني ٿيڻ مان وڌ مان وڌ فائدو ماڻيندو." (صفحو: 108)

مٿين اقتباسن پڙهڻ کان پوءِ ۽ اهو ڏسڻ کان پوءِ تہ ڪراچيءَ ۽ سنڌ سان هيل تائين ڇا ڪجهہ واقع ٿي چڪو آهي، ڪوبہ ماڻهو اهو فيصلو

ڪري نہ گهرايو ويو تہ ڪو هُو ڪل هندستان ۾ ڪو امتياز رکندڙ هو پر هڪ سنڌي ڪيس هڪ مسلمان ڀاءُ جي حيثيت ۾ آندو تہ جيئن هو پنهنجن پوئتي پيل ڀائرن جي خدمت ڪري سگهي. هُو 1952ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر جي حيثيت ۾ رهيو پنهنجو عهدو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ٿيڻ لاءِ ڇڏيائين، جيڪا ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگيءَ کان پوءِ قائم ڪئي ويئي.

محترم حليم سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ڪهڙو ورتاءُ رکيو اهو هڪ ڏکهو ۽ ڏکائيندڙ قصو آهي، جنهن کي هتي بيان ڪرڻ جي گهرج ناهي. مختصر اهو تہ هن انهن ورهين دوران، هر ممڪن شيءِ ڪرڻ وسيلي سنڌين سان پنهنجي ممونيت جو مظاهرو ڪيو. ڪراچيءَ جي علحدگيءَ کان پوءِ، هن سنڌي ٻوليءَ کي ڇيپاٽيو سنڌي اسڪولن کي بند ڪرڻ وسيلي، سنڌي ماسترن جي جاين گهٽائڻ وسيلي، سنڌي شاگردن کي سنڌي نصاب فراهم نہ ڪرڻ وسيلي، سنڌي پيپرن جي جانچڻ لاءِ غيرسنڌين، جيڪي سنڌيءَ جي ڪا ٿورڙي ڄاڻندا هئا، کي مقرر ڪرڻ وسيلي وغيره وغيره.

محترم حليم پنهنجي سنڌي ٻولي مخالف مهم ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اها مهم هن هلندڙ تعليمي سال 58-1957ع تائين ايندي ايندي يونيورسٽيءَ جي امتحانن لاءِ پيپرن جا جواب سنڌيءَ ۾ ڏيڻ جي ذريعي (Medium) واري سنڌي ٻوليءَ جي، حيثيت جي خاتمي جي نتيجي تائين وڃي پهتي آهي. درخواستي فارم 14هين آگسٽ تائين جمع ڪرائڻا آهن ۽ ڪنهن بہ ڀُل چُڪ جو تدارڪ، انهيءَ ڏنل تاريخ يا ڪنهن بہ قيمت تي امتحانن جي تاريخ کان اڳ تائين ڪيو ويو آهي.

هاڻي، هيءَ امتحاني پيپرن وارو سوال، ڪو هلڪڙو/سادو معاملو نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو اسان جي بنيادي حقن، اسان جي خدمتن ۽ پيشن تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ ايتري تائين جو اسان جو سماجي رتبو تعليمي اهليتن تي دارومدار رکي ٿو. يونيورسٽيءَ جو امتحان، هڪ شاگرد جي علم ۽ لياقت جي آزمائش هوندو آهي.

اها ڳالهہ هر ڪنهن تي روشن آهي تہ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد، اردوءَ ۾ ائين لياقت سان ۽ اهليت سان، پيپرن جو جواب نٿو ڏيئي سگهي، جيئن ڪو اردو ڳالهائيندڙ شاگرد، اردو ڄاڻندڙ شاگرد جي ڀيٽ ۾ سنڌي ڄاڻندڙ شاگرد لاءِ خسارو/نقصان گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو مارڪون آهي (يعني

(انهيءَ لحاظ کان) ڪراچي يونيورسٽيءَ جو طريقيڪار. سنڌين جي، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي محفوظ ڪرڻ/رکڻ واري بنيادي/آئيني حق سان ٽڪراءَ ۾ اچي ٿو. مٿيون طريقي ڪار وڌيڪ، سنڌين لاءِ برابر موقعن جي هڪ ٻئي بنيادي حق سان پڻ ٽڪراءَ ۾ اچي ٿو جنهن جي ضمانت آئين جي مهاڳ واري حصي ۾ هيٺين لفظن ۾ ڏني ويئي آهي:

"جنهن ۾ بنيادي حقن، انهن حقن سميت جهڙوڪ رتبي ۽ موقعن جي برابري، جي ضمانت ڏيڻ کپي."

سڀ کان اهم ڳالهه اسان جي آئين جو فقرو: 5 پيش ڪري ٿو:

"سڀ شهري قانون اڳيان برابر آهن، ۽ قانون جي مساوي تحفظ جا حقدار آهن."

هيءَ هڪ بدقسمتيءَ جي ڳالهه آهي ۽ ان هوندي به سچي آهي ته ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌي، عمومي طرح، تعليم ۽ ثقافت ۾ پوئتي پيل آهن. عوام جو هيءُ طبقو قوم جو خاص ڌيان لهڻي ٿو، انهن لاءِ آئين، رفاهي طرح، مهاڳ ۾ هيءُ تحفظ فراهم ڪري ٿو:

"جنهن ۾ اقليتن ۽ پوئتي پيل ۽ ڌتڙيل طبقن جي مفادن جي بچاءَ ۽ انهن کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ مناسب بندوبست ڪرڻ کپن."

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اختيارين، اسلام جي نالي ۾ ۽ اردوءَ خاطر، آئين جي اهڙن بندوبستن کي هوائن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ۽ اردو عربيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. اها ئي شيءِ اردوءَ کي اسلام سان ڳنڍي ٿي، جيڪڏهن مذهب کي هر ويرو به ٻوليءَ سان ڳنڍيو آهي.

## ڪراچي يونيورسٽيءَ ڀاران ڪهڙا بهانا گهڙيا ويا آهن؟

(الف) سنڌي شاگردن جو انگ، امتحاني مقصدن لاءِ هڪ علائقائي ٻوليءَ جي حيثيت طور سنڌي ٻوليءَ جي تسليمت لاءِ بنهه ٿورڙو آهي. (اهو چوڻ آهي وائيس چانسيلر جو)

رڳو ڪاليجن ۾ سنڌي شاگردن جو انگ ڇهه هزارن کان مٿي آهي. اهو انگ پنجن لکن جي سنڌي آباديءَ جي تناظر ۾ ٿورڙو آهي، پر امتحاني مقصدن لاءِ اهو انگ گهڻو وڏو آهي. وڌيڪ اهو ته اهڙو ٿورڙو انگ يونيورسٽيءَ جي سنڌي۔ مخالف پاليسين جي ڪري آهي، جيڪي زور زبردستيءَ سان سنڌي شاگردن کي سنڌي موضوع ڇڏڻ ۽ اردو کڻڻ لاءِ مجبور

ريپيا خرچ ڪيا. ۽ ڪراچي يونيورسٽي، سنڌين کي اهڙي قرض جو ٿورو حصو واپس ڏيڻ واسطي جيڪڏهن بيو ڪو بہ عيوض نٿي ڏيئي سگهي تہ ڪجهہ هزار رپين جو خرچ تہ برداشت ڪري سگهي پئي.

۽ سنڌيءَ خلاف اهڙو فيصلو رڳو يونيورسٽيءَ جي سينيٽ پاران ئي نہ پر ان جي انتظاميا - سنڊيڪيٽ جي مٿ جيترن 9 ماڻهن پاران پڻ ڪيو ويو آهي. سنڊيڪيٽ جو اهو فرض هو تہ اها سينيٽ کان اهڙي فيصلي جي تصديق ڪري ها. جيڪا يونيورسٽيءَ جي سڀ کان وڏي باڊي آهي، پر ان اهو ڪجهہ ناهي ڪيو. جيڪڏهن وائيس چانسلر ۽ سنڊيڪيٽ مامرن کي انهن جي منطقي نتيجن پٽاندر وٺڻ گهرن ٿا. اهو ائين ٿيڻ گهرجي، ساڳئي وقت اسٽيٽسڪو ضرور برقرار رکڻ کپي.

سنڊيڪيٽ جي 9 ميمبرن مان 3 ميمبرن انهيءَ قدم خلاف ووٽ ڏنو ۽ سنڌي سندن ٿورائتا آهن تہ انهن پنهنجو فرض نڀايو آهي. اهي 6 ميمبر جن اهڙي قوم جي حق ۾ ووٽ ڪيو انهن اهڙو ڪم شڪرادائيءَ طور ڪيو اهي سنڌ آيا. ڪراچيءَ ۾ هڪ گهر ۽ ڇت ملي، سنڌين جي مفاد جي سخت مخالفت جسٽس ظهورالحسن ليري (Lari) پاران ڪيل چئي ويئي آهي. جڏهن تہ لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسٽر ايس اي رحمان اردوءَ جي حق ۾ ۽ سنڌيءَ جي مخالفت ۾، تازو ئي آل پاڪستان ڪلچرل ڪانفرنس لاهور ۾، ساڳيو ڪردار ادا ڪيو.

اسان جي عدليا سان لاڳاپيل شخصيتن لاءِ سلو اهو آهي تہ اهي متضاد مسئلن ۾ پوڻ کان پاسو ڪن. سندن عهدا تقاضا ڪن ٿا تہ عدالتي هلت چلت کان ٻاهر، سندن عمومي رويو مثالي ۽ اُتساهيندڙ هجي.

هيءَ مسئلو هاءِ ڪورٽ ۾ رِٽ پٽيشن جي صورت ۾ بہ وڃي سگهي ٿو. اسان جو عوام ان معاملي ۾ بدقسمت رهيو آهي تہ اهي هاءِ ڪورٽن سان رليف لاءِ رجوع ڪندا رهيا آهن. جڏهن تہ اهو رليف ڪورٽن کان ٻاهر اچڻ گهرجي.

تازو ئي، اسان جي صدر محترم اسڪندر مرزا ڪراچي بار ايسوسيئيشن کي خطاب ڪندي لڳ ڀڳ شڪايت واري انداز ۾ چيو تہ هاءِ ڪورٽن ۾ تمام گهڻيون رٽ پٽيشنون داخل ڪرايون پيون وڃن. هو صحيح آهي، پر اختيارين پاران اختيار ڪيل غيرقانوني ۽ نامناسب قدمن جي

ازالي لاءِ ڇا ڪيو ويو آهي؟ خرابي هاءِ ڪورٽ ججن يا قانون ۾ ناهي، پر غير ذميوار انتظاميا ۾ آهي.
اسان کي ضرور ياد رکڻ گهرجي ته محترم حليم اٿٽبد ڪمپني جيڪڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي امتحان مان سنڌيءَ کي تڙي ڪيڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿي ته پوءِ سپاٽي، ٿي سگهي ٿو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي امتحانن مان سنڌيءَ کي ختم ڪرڻ جي گهر ڪئي وڃي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اُگرا نتيجا اسان سنڌين لاءِ اڃا محفوظ رکيا ويا هجن.
اسان جو وڏو ڀاءُ بنگالي انهن مڙني شين تي اصرار ڪري ٿو جنهن لاءِ بنگال ۽ بنگالي حقدار آهن. ۽ اهي شيون وڏي حد تائين هن ماڻهون به آهن. هو ٻئي وڏي ڀاءُ پنجابي لاءِ ون يونٽ جي عياشيءَ تي هار قبول ڪري ٿو. اها سڀ قومپرستي آهي ۽ ان جي اجازت به آهي ته اها تعريف لائق به آهي. پر جيڪڏهن ننڍو ڀاءُ سنڌي ڪجهه حقن جي تقاضا ڪري ٿو ته اها صوبي پرستي آهي ۽ اها قابل مذمت ۽ سزا جوڳي به آهي!
هيل تائين اسان جي شاگردن، جيڪي اسان جي عام خلق جو تسلسل ئي آهن، جون نمائندگيون، بيان ۽ مظاهرا، (ويران) ميدانن ۾ گونجندڙ آواز ئي ثابت ٿيا آهن. جڏهن ملڪ جي اڳواڻن ۽ حڪمرانن جا اخلاقي معيار ۽ ساک ايتريءَ حد تائين ڪري پوي ته پوءِ ڇا اهڙيون حالتون قانون کان مٿاهن لاڙن ۽ سرگرمين کي جنم نه ڏينديون آهن؟ ماڻهو گهٽي وقت تائين تماشائي ٿي رهي نٿا سگهن. جڏهن اهي شين کي پرکين ٿا، اهي دڳ اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪن ٿا، ۽ پوءِ انهن جي زبردست سگهه هڪ طوفان وانگي اڳتي وڌندي آهي ۽ پنهنجي رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ کي لوڙهي ويندي آهي.
آئون پاڪستان جي صدر کي، هنن مسئلن جي ازالي لاءِ ضرور اپيل ڪندس. هن خاص مسئلي جي حوالي کان، مٿس تمام وڏي ذميواري آهي- رياست جي سربراهه جي حيثيت ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي چانسيلر جي حيثيت ۾ ۽ ڪراچيءَ جي رهواسيءَ جي حيثيت ۾. سندس وقتائتي ۽ مهربان مداخلت، هن مسئلي ۾ نه رڳو اسان جي نوجوان سنڌي شاگردن ۽ سندن والدين لاءِ رحمت ثابت ٿيندي، پر اها هڪ انصاف وارو عمل بڻجي سنڌي عوام جون دليون سندس حق ۾ پرڻ ڪٽي سگهندي.
آئون ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جي ميمبرن کي اپيل ٿو ڪريان، اهي ترت ئي معاملا درست نموني رکن. هيءَ هڪ اهڙو مسئلو آهي،

جنهن جو فيصلو اڪثريتي ووٽنگ وسيلي نہ ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۽ سنڌي اهڙي دعوي رکن ٿا، جيڪا دليل بازي ۽ مقدمي بازيءَ کان مٿاهين آهي. سينيٽ کي انهيءَ مقصد لاءِ خاص گڏجاڻي گهرائڻ گهرجي ۽ سنڌين جي ڪاوڙيل ذهنن کي سانتيڪو ڪرڻ گهرجي. آئون سنڊيڪيٽ ميمبرن کي پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ ۽ هڪ قديم ٻولي ۽ هڪ مهمان نواز قوم لاءِ وڏي حد جي احترام رکڻ لاءِ اپيل ٿو ڪريان. آئون ڪراچيءَ جي عوام، اتان جي وچولي طبقي، ساجهوندن ۽ عام ماڻهن کي اپيل ٿو ڪريان تہ اهي پنهنجن ساٿي شهرين جي هن مسئلي بابت پنهنجي پاڻ کي تعلق ۾ آئين ۽ آن نموني ڪردار ادا ڪن جو ڪراچي يونيورسٽي حقيقي طرح (سڀني لاءِ) روشني ۽ سکيا جو مثالي مرڪز بڻجي پوي، جتي نہ رڳو سنڌي پر پاڪستان جي ٻين علائقائي ٻولين پڻ ترقيءَ ۾ وڌڻ ويجهڻ لاءِ موقعا ڳولي سگهن. سنڌي ٻولي ڪراچيءَ ۾ ضرور رهڻ گهرجي.

**باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي**

ڪراچي

17 جنوري 1957ع

# پڇاڙڪا اکر

آئون اڄ 11 جنوري، صبح ڏهين وڳي، جڏهن پمفليٽ جا پروف صحيح ڪري رهيو آهيان ته مون کي اهو اطلاع ڏنو ويو آهي ته ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن جي رٽ پٽيشن تي، ڪراچي هاءِ ڪورٽ (جيڪا جسٽس محمد بخش ۽ جسٽس رحيم بخش منشيءَ جي بئنچ تي ٻڌل آهي) ڪراچي يونيورسٽي اختيارين خلاف هڪ عبوري اسٽي آرڊر جاري ڪيو آهي. اها گهڻي خوشيءَ ڀري ڳالهه آهي. اسان جي ڪراچي هاءِ ڪورٽ تي پڻ ڀروسو ڪري سگهجي ٿو خاص طرح تڏهن، جڏهن عوام جي جمهوري حقن ۽ آزادين جي سوال ڪر کڻي ٿو.

پر اهو هڪ عارضي رليف اسان جي شاگردن کي مليو آهي. اسان کي ان بدران هڪ سياسي، عام مقبول ۽ مستقل نبيري تي ڌيان ڏيڻ کپي. انهيءَ لاءِ اسان کي پنهنجين ڪوششن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجن سنڌي مخالف دوستن کي مڃائڻ گهرجي ته سندن سمورو عزم غيراخلاقي ۽ غيرسياسي آهي. اسان جو اخلاقي دٻاءُ ايترو سگهارو هئڻ گهرجي، جو يونيورسٽيءَ اختياريون سنڌيءَ خلاف پنهنجن حڪم نامن تان هٿ کڻڻ جهڙي وڌيڪ معقول رويي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهن. انهيءَ معاملي ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ اُڪلاءَ لاءِ پيل رٽ پٽيشن ٻي فائدي ٿي پوندي، اهو ٿي

ڏاهپ پريو رستو آهي، محترم حليم وائيس چانسيلر کي سينيٽ ۽ سنڊيڪيٽ کي قائل ڪرڻ ڪپي. هن اڳيئي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ گهڻي گڙٻڙ پيدا ڪئي آهي، جيڪا يونيورسٽي معاملن ۾ وڏي سطح جي انڪوائريءَ جو سبب بڻي آهي، هن کي پين لاءِ پريشانيون پيدا ڪري، پنهنجين پريشانين ۾ اضافو نہ ڪرڻ گهرجي.

مون کي هر طرح اميد آهي تہ عوام اسان جي حمايت ڪندو. مون کي هر طرح اميد آهي تہ اسين ڪٿنداسين، اسين ڪٿنداسين ڇاڪاڻ تہ اسان جو مقصد حقي آهي.

•

(نوٽ: هي دستاويز باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي پمفليٽ جي صورت ۾ 1957ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن وقت ڪراچي مان سنڌيءَ ماڻهن۔ سنڌي ٻولي کي تڙي ڪڍيو پئي ويو. اڄ جڏهن ڇهہ ڏهاڪا گذري چڪا آهن تنهن هوندي بہ ڪراچي جي صورتحال ڌرتي ڌڻين لاءِ ساڳي آهي. هي اُن دستاويز جو ترجمو آهي.)

## باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئيءَ جي نانءَ

ڪالهه بہ تنهنجي ضرورت هئي، اڄ بہ پئي واجهائي سنڌ
بيشڪ سائين تون ئي آهين، حيدر بخش بابائي سنڌ

ڌارين جي يلغار ڏسي، پنهنجن جا پرڪار ڏسي،
ٻوڙهو ٻَل تان سڪي نٿو ڪير بہ اچي پرچائي سنڌ

وڏا نالا وڪجي ويا، بيٺي بيٺي ترڪي پيا،
اهڙي رت ۾ تون جي هجين، توکي ئي ٻرلائي سنڌ.

ساڳيو جذبو ولولو آ، اوهان جي محنت جو ئي سلو آ،
گوڏي جيڏي رت ۾ بيٺي، ڳاٽ ڪٽي ڳالهائي سنڌ.

تون تہ نسورو سچ آهين، ماپ تور ۾ ڪچ آهين،تو
جهڙن جا نالا وٺي، ڏاڍو پاڻ پڏائي سنڌ.

اڳ جون خبرون تو وٽ آهن، اڄ جي ڳالهہ ٻڌايان ٿو
نوڙي مان ٿا نانگ ٿين، جن کي جيڏو پائي سنڌ.

هاري پنهنجا حق گهرن پيا، تون جو سبق سيکارين وئين،
رت جا درياءَ ڏسي "اُداسي"، گهڙي پئي گاگهائي سنڌ.

ڇاپيندڙ:

**باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي اڪيڊمي، حيدرآباد**

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي
كتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“
نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ،
ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي،
ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري
سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا
ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا
۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ
جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي
ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿـي سگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٿالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪل ٿائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)